COMMITTEE FOR THE WELFARE OF PRISONERS
LEGAL AID OFFICE

# اپيلون ۽ درخواستون



# 01

## آئون جيل مان ويهي درخواست ڪيئن موڪلي سگهان ٿو؟ ڇا قيدين جي لاءِ اهڙ ڪا سهولت آهي ته هو درخواست درج ڪري سگهن؟



ڊپٽي سپرينٽنڊنٽ هر سزا مليل قيدي کي جيل ۾ پهريون ڀيرو داخل ٿيڻ مهل اها ڳالهہ ٻڌائيندو تہ فلاڻي مقرر ٽيل وقت تائين توهان هن حڪم جي خلاف اپيل دائر ڪري سگهو ٿا ۽ اگر قيدي اپيل ڪرڻ چاهي تہ ان کي ان مقصد لاءِ هر سهولت ڏني ويندي. مقرر ٽيل وقت جي اندر ڪئي وڃڻ واري اپيل کي فوري طور تي اهميت ڏني ويندي

02

## آئون خاص ڇٽي لاء درخواست ڪيئن داخل ڪري سگهان ٿو؟




اولي طور تي اپيل صرف سپريم ڪورٽ آف پاڪستان کي ڏئي سگهجي ٿي. جنهن ۾ عدالت يا اپيل ڪرڻ واري جي طرفان درخواست جي ذريعي خاص ڇٽي جي اپيل ڪئي وئي هجي.

عام طور تي فيصلي يا حڪم جي خلاف درخواست، فيصلي يا حڪم جاري ٿيڻ جي ٽيهن ڏينهن اندر اندر سپريم ڪورٽ ۾ دائر ڪئي ويندي. پر ڪنهن مناسب سبب کي ڏسندي سپريم ڪورٽ ان مدي کي وڌائي به سگهي ٿي، ان صورت ۾ اپيل ڪرڻ واري کي اپيل جي دخواست سان گڏ هڪ ٻي درخواست به جمع ڪرائڻي پوندي جهنن ۾ مقرر ٿيل مدي اندر درخواست جمع نه ڪرائي سگهڻ جا سبب ٻڌايا ويند

اگر درخواست گزار جيل ۾ آهي ته هو پنهجي مائٽن کي سمجهائي سگهي ٿو ته هو خاص ڇٽي لاء عدالت ۾ داخل ٿيل مناسب طريقي سان ڪنهن وڪيل جي ذريعي سپريم ڪورٽ ۾ اپيل ڪرڻ جي درخواست داخل ڪرن يا پنهجي درخواست ۽ هيٺ ٻڌايل دستاويز انچارج آفيسر آڏو پيش ڪرن جيڪو انهن تي درخواست گزار جي آنگوٺي جو نشان وٺي سپريم ڪورٽ آف پاڪستان جي رجسٽرار ڏانهن اماڻيندو

# 03

01

هائي ڪورٽ جي ان فيصلي جي تصديق ٿيل
ڪاپي جنهن جي خلاف اپيل ڪئي وئي آهي

02

هائي ڪورٽ کان هيٺين عدالت کان منظور ٿيل حڪم جي
صورت ۾ ان عدالت جي فيصلي جي تصديق ٿيل ڪاپي

03

مقرر ٿيل مدي کان پوء داخل ڪئي ويندڙ درخواست
سان گڏ هڪ ٻي درخواست به داخل ڪرائي ويندي
جنهن ۾ مقرر ٿيل مدي اندر درخواست داخل نه
ڪرائڻ جا سبب ٻڌايا ويندا


# 04

### اپيل دائر ڪرڻ لاءِ وقت جي حد ڪيتري آهي؟

01

اپيل جي لاءِ مقرر ٽيل وقت هن ريت آهن:

- مجسٽريٽ جي عدالت جي ٽيل فيصلي تي اپيل لاءِ ٽيهہ ڏينهن
- سيشن ڪورٽ ۾ اپيل لاءِ ٽيهہ ڏينهن
- موت جي سزا جي خلاف هائي ڪورٽ ۾ اپيل جي لاءِ ست ڏينهن
- ٻين تمام معاملن تي هائي ڪورٽ ۾ اپيل لاءِ سٺ ڏينهن
- خاص موڪل لاءِ سپريم ڪورٽ ۾ اپيل لاءِ ٽيهہ ڏينهن




02


حد بندي ايڪٽ 1908 جي مقصد لاءِ هڪ سزا مليل قيدي پاران انچارج آفيسر وٽ درخواست پيش ڪرڻ عدالت ۾ درخواست ڏيڻ جي برابر هوندو. (فوجداري ضابطي جي سيڪشن 420 ڪي ڏسو)

03

انچارج آفيسر ڪنهن بہ سزا مليل قيدي ڪي اپيل ڪرڻ کان روڪي ڪونہ ٿو سگهي

05

## اگر مهنجو ڪوئي خاندان يا دوست نہ هجي تہ ان صورت ۾ ڇا ٿيندو؟




اگر اهڙو سزا مليل قيدي جنهن جو ڪوئي دوست، رشتيدار يا ان پاران ڪم ڪرڻ لاءِ ڪوئي وڪيل ڪونہ هجي ۽ هو درخواست ڏيڻ چاهي تہ انچارج آفيسر لاڳاپيل عدالت ۾ ان فيصلي جي ڪاپي جي لاءِ درخواست داخل ڪرائيندو جنهن جي خلاف اپيل دائر ڪرڻي آهي. اگر هڪ ئي ڪيس ۾ گهڻن ماڻهن کي سزا ٻڌائي وئي ٿي تہ هڪ ئي جيل مان اپيل جي چونڊ ڪرڻ وارن سڀني قيدين لاءِ فيصلي جي هڪ ئي ڪاپي ڪافي هوندي

اگر ڪوئي قيدي پڙهيل لکيل آهي تہ فيصلي جي ڪاپي وصول ٿيڻ کانپوءِ پنهنجي اپيل پاڻ لکڻ جي اجازت هوندي. اگر قيدي لکڻ جي قابل نہ هجي تہ انچارج آفيسر ان جي بدران ڪنهن ٻئي قيدي يا جيل جي آفيسر کان هن لاءِ اپيل لکرائيندو

# 06



قيدي جي بدران جيل مان اوليت واري اپيل اماڻ ڪان پهريان هن ڪي اها درخواست سپرينٽينڊنٽ جي موجودگي ۾ پڙهي ٻڌائي ويندي. اگر قيدي ان لکٽي مان مطمئن ٿيندو تہ هو ان درخواست تي صحيح ڪندو يا پنهنجي آنگوٺي جو نشان هڻندو

ڊپٽي سپرينٽينڊنٽ ان دستاويزن تي پنهجي صحيح ڪرڻ ڪانپوء انهن تي جيل جي سرڪاري مهر هڻندو

# 07




ڪوڊ آف ڪرمنل پروسيجر جي سيڪشن 420 مطابق انچارج آفيسر فيصلي يا حڪم جي خلاف اپيل ڪي سنئو سڌو اپيل ڪورٽ ڏانهن اماڻيندو

اپيل ڪورٽ رڪارڊ روم منجهان رڪارڊ پاڻمرادو گهرائيندي

اگر فيصلي يا حڪم جي ڪاپي ملڻ ڪانپوء قيدي جو ڪو مائٽ، دوست يا ايجنٽ ان جي بدران اپيل داخل ڪرڻ جو ارادو ڪري ۽ قيدي جي پنهجي رضامندي بہ شامل هجي تہ فيصلي جي ڪاپي ان جي حوالي ڪري مناسب رسيد جاري ڪئي ويندي

## ڇا هڪ مجرم قيدي رحم جي درخواست داخل ڪري سگهي ٿو؟



سپريم ڪورٽ پاران اپيل جي درخواست برطرف ٿيڻ جي اطلاع ملڻ تي، اگر سزا مليل قيدي ڦهريان ڪا رحم جي ڪا اپيل ڪونہ ڪئي آهي تہ انچارج آفيسر ان قيدي کي ٻڌائيندو تہ اگر هو رحم جي درخواست ڪرڻ چاهي ٿو تہ اپيل جي برخواست برطرف ٿيڻ جي هفتي اندر تحريري طور تي رحم جي درخواست پيش ڪري

اگر هڪ سزا مليل قيدي مقرر ٿيل مدي يعني ستن ڏينهن اندر دراخواست ڏئي تہ جيل جو انچارج آفيسر فوري طور تي ساڳي درخواست انتظامي سيڪريٽري ڏانهن اماڻيندو ۽ گڏوگڏ هڪ تعارفي ۽ وضاحتي خط ساڻ سيشن جج پاران پاران ڦاسي لاء مقرر ٿيل تاريخ جي بہ اطلاع ڏني ويندي ۽ درخواست تي حڪومتي حڪم ملڻ تائين سزا تي عمل روڪڻ جي تصديق ڪئي ويندي

COMMITTEE FOR THE WELFARE OF PRISONERS

LEGAL AID OFFICE


ہیڈ آفس

Block - C, First Floor, FTC Building,
Shahrah -e-Faisal, Karachi.,

---

فون

ٹول فری : 0800-70806

ہیڈ آفس : 021-35390132-33

کال سینٹر آفس : 021-35308533

---

ای میل
info@lao.org.pk

فیس بک
@LegalAidOfficePakistan

ویب سائٹ
www.lao.org.pk


---

خاکہ نگار

سحر سطوت

---